پر ان سان گڏوگڏ هڪ ٻي ۽ ڪامنا اُتم ته اهو سڀ ڪندي دل کولي وڏا ٿهڪ ڏئي، جو سندس چهري جي مشڪن لاءِ لاپڊايڪ ٿيڻ سان گڏوگڏ باقي ٻين اديبن جا اُتم لاءِ گلا شڪوا به دور ٿي ويندا.

ڀُلون چڪون ته هر انسان کان ٿينديون آهن. هتي ماڻ اهو اتهاس لکڻ نٿي چاهيان ته ڪنهن جي چوڪ سان سنڌي ادب جو ڪيترو نقصان ٿيو. سنڌي ٻوليءَ جي آئيندي کي ڪهڙي ضرب پهتي. پر اهو پڪ سان چئي سگهان ٿي ته اُتم جهڙو محڪم ارادي وارو شخص، اُصولن جو پڪو، پنهنجي ڊارٽائن انوسار سنڌي ادب جي جوت جلائيندو رهيو آهي ۽ ان لاءِ سندس ڪيل قربانيون وسارڻ جهڙيون ڪونهن.

